(عربي اردو، سنڌي، گجراتي انگلش، بنگالي ۽ هندي) ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ميگزين

Islamic Family Magazine | رنگین شمارہ

ماهوار

# فيضانِ مدينہ

(دعوتِ اسلامي)

ماهوار فيضانِ مدينہ (سنڌي) مئي 2025 بمطابق ذوالقعده 1446ھ



- اسلام جو معاشي نظام،
- پنهنجي بُزرگن کي ياد رکو،
- سَهُو ۽ ڪُمي،
- نور جو فانوس،
- دين ۽ مذهب جي ضروت ۽ اهميت




# احڪام تجارت

مُفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

### (1) مضاربت ۾ وقت مقرر ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت تہ مان هڪ انويسٽر ڪان 4 لک روپيا ٽن سالن لاءِ وٺي مضاربت جي شرعي اصولن مطابق ڪم ڪرڻ چاهيان ٿو؟ ڇا مضاربت ۾ وقت مقرر ڪري سگهجي ٿو؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** پڇيل صورت ۾ توهان جو مضاربت طور 4 لک روپيا وٺڻ وقت گڏيل رضامندي سان ٽن سالن جو وقت مقرر ڪرڻ ۽ مضاربت جي اصولن ۽ قاعدن جو لحاظ رکندي ڪم ڪرڻ شرعي طور تي جائز آهي. جڏهن اهو وقت پورو ٿيندو تہ اهو معاهدو ختم ٿي ويندو.

هدايه، تبيين الحقائق، اور دررُ الحكام شرح مجلة الاحكام ۾ آهي: واللفظ للاول:”ان وقت للمضاربة وقتا بعينه، يبطل العقد بمضيه؛ لأنه توكيل فيتوقت بما وقته، والتوقيت مفيد، فإنه تقييد بالزمان فصار كالتقييد بالنوع والمكان“ يعني جيڪڏهن رب المال مضاربت لاءِ ڪو خاص وقت مقرر ڪيو هجي تہ، اهو وقت گذرڻ سان معاهدو ختم ٿي ويندو آهي. ڇاڪاڻ تہ اها مضاربت هڪ قسم جي وڪالت آهي ۽ وڪالت پنهنجي مقرر ڪيل وقت سان ختم ٿي ويندي آهي. ۽ وقت جو اهو تعين فائديمند آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو وقت جي لحاظ کان هڪ حد بندي (پابندي) آهي، تنهنڪري هي مخصوص مال، ۽ مخصوص مقام مقرر ڪرڻ جيان درست هوندو. (بدايه،265/3)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

### (2) خريد ڪيل سامان واپس يا تبديل نہ ٿيندو

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت تہ ڪجهہ دڪانن تي هي جملو لکيل هوندو آهي تہ ”خريد ڪيل سامان واپس (Return) يا تبديل (Exchange) نہ ٿيندو“، سوال اهو پڇڻو آهي تہ جيڪڏهن اهڙي دڪان تان سامان خريد ڪيو وڃي ۽ اهو سامان عيبدار يا خراب نڪري تہ ڇا گراهڪ کي اهو سامان واپس ڪرڻ جو اختيار هوندو يا نہ؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** شريعت مطهره دڪاندار کي اهو اختيار ڏنو آهي تہ جنهن شيءِ کي هو وڪڻي چڪو آهي، ان کي بنا ڪنهن سبب جي واپس نہ وٺي. تنهنڪري دڪاندار لاءِ اهو جملو لکڻ تہ ”خريد ڪيل سامان واپس

(Return)يا تبديل (Exchange) نہ ٿيندو“ هڪ لحاظ کان بلڪل صحيح آهي. خريداري جو اصل مقصد ئي ملڪيت جي منتقلي آهي. خريداري کان پوءِ وڪرو ڪيل مال گراهڪ جو ۽ ان جي عيوض ۾ مليل رقم دڪاندار جي ٿي ويندي آهي ۽ سودو مڪمل ٿي ويندو آهي، جيڪو صرف هڪ ڌر جي خواهش تي منسوخ نٿو ٿي سگهي. البتہ جيڪڏهن وڪرو ڪيل شيءِ عيبدار هجي ۽ دڪاندار ان شيءِ جو عيب ظاهر ڪرڻ کان سواءِ ئي وڪڻي ڇڏي تہ شريعت مطهره خريدار کي ان عيب جي ڪري سامان واپس ڪرڻ جو اختيار ڏنو آهي، ان کي ”خيارِ عيب“ چئبو آهي. اهڙي صورت ۾، مٿي ڄاڻايل جملو لکي ڇڏڻ ڪافي نہ ٿيندو، بلڪ گراهڪ جي مطالبي تي دڪاندار کي لازمي طور تي اهو سامان واپس ڪرڻو پوندو. ها جيڪڏهن دڪاندار ڪنهن خاص شيءِ بابت پهرين ئي هر قسم جي عيب کان پنهنجي لاتعلقي (بريت) ظاهر ڪري ڇڏي تہ پوءِ اها شيءِ عيبدار هجڻ جي باوجود واپس وٺڻ ان (دڪاندار) تي لازمي ناهي. ان کان علاوه بہ شريعت جي تعليمات ۾ ڪجهہ ٻيون اهڙيون صورتون آهن جن ۾ سامان واپس وٺڻ ضروري هوندو آهي.

بهارِ شريعت ۾ آهي: ”وڪرو ٿيندڙ شيءِ (مبيع) ۾ جيڪڏهن عيب هجي تہ اهو ظاهر ڪرڻ وڪڻندڙ تي واجب آهي، ان کي لڪائڻ حرام ۽ گناهہ ڪبيره آهي. جيڪڏهن عيب ظاهر ڪرڻ کان سواءِ شيءِ وڪرو ڪئي وئي تہ عيب معلوم ٿيڻ تي (خريدار) ان کي واپس ڪري سگهي ٿو، ان کي ”خيارِ عيب“ چئبو آهي خيارِ عيب لاءِ اهو ضروري ناهي تہ معاهدي (عقد) جي وقت اهو چيو وڃي تہ جيڪڏهن عيب هوندو تہ واپس ڪندس اهو چيو ويو هجي يا نہ، **بهرحال عيب معلوم ٿيڻ تي مشتري (خريدار) کي واپس ڪرڻ جو حق حاصل هوندو.** (بہار شریعت،673/2)

انهيءَ ۾ ئي آهي: ”خيارِ عيب لاءِ هيءَ شرط آهي تہ وڪڻندڙ ان شيءِ جي عيب کان پنهنجي لاتعلقي (بريت) ظاهر نہ ڪئي هجي، جيڪڏهن هن (وڪڻندڙ) چئي ڇڏيو تہ ’مان ان جي ڪنهن بہ عيب جو ذميوار نہ آهيان‘ تہ پوءِ خيارِ عيب ثابت نہ ٿيندو.“ (بہار شریعت،674/2)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (3) ٻئي جو قرض ادا ڪري ڇڏجي تہ ان کان واپس وٺي سگهجي ٿو يا نہ؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت تہ منهنجي نندي ڀاءُ تي تقريباً ڏيڍ لک روپيا قرض هو جنهن سبب هو ڪافي آزمائش ۾ هو هن وٽ قرض ادا ڪرڻ لاءِ پئسا نہ هئا تہ مون اهو قرض ادا

ڪري ڇڏيو هو. ان وقت اسين سڀ گڏ رهندا هئاسين ۽ منهنجو پئسا واپس وٺڻ جو ڪو ارادو نہ هو پر هاڻي مون کي پئسن جي ضرورت آهي تہ ڇا مان پنهنجي نندي ڀاءُ کان انهن پئسن جو تقاضو ڪري سگهان ٿو؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** پڇيل صورت ۾ جيڪڏهن اهي پئسا توهان پنهنجي طرفان پاڻ مرادو ڏنا هئا نندي ڀاءُ توهان کي قرض ادا ڪرڻ لاءِ نہ چيو هو تہ پوءِ اهي پئسا توهان جي طرفان احسان شمار ٿيندا، جنهن جو هاڻي توهان پنهنجي نندي ڀاءُ کان مطالبو نٿا ڪري سگهو. ها جيڪڏهن توهان اهي پئسا نندي ڀاءُ جي چوڻ تي ڏنا هئا مثال طور نندي ڀاءُ توهان کي چيو هو تہ منهنجي طرفان قرض ادا ڪري ڇڏيو يا توهان پاڻ قرض ادا ڪرڻ وقت چيو هو تہ مان اهي پئسا توکي قرض طور ڏئي رهيو آهيان ۽ نندي ڀاءُ ان کي قبول ڪيو هو تہ پوءِ اهي پئسا نندي ڀاءُ تي قرض آهن ۽ توهان ان جو مطالبو ڪري سگهو ٿا. العقود الدريہ ۾ آهي: "المتبرع لا يرجع على غيره كما لو قضى دين غيره بغير أمر" يعني: جيڪو پنهنجي طرفان احسان ڪري ٿو اهو (پنهنجي ڏنل شيءِ جي واپسيءَ لاءِ) ٻئي تي رجوع نٿو ڪري سگهي جيئن ڪنهن شخص ٻئي جو قرض ان جي حڪم کان سواءِ ادا ڪري ڇڏيو هجي. (العقود الدريہ فی تنقیح الحامدیہ، 288/1) منحة الخالق ۾ آهي: "من قضى دين غيره بأمره لم يكن متبرعا فله الرجوع على الآمر، وإن لم يشترط الرجوع في الصحيح" يعني: جنهن ڪنهن ٻئي جو دين (قرض) ان جي اجازت سان ادا ڪيو تہ اهو تبرع ڪندڙ (يعني احسان طور ڏيندڙ) نہ ٿيندو، ان کي حڪم ڏيڻ واري کان رجوع ڪرڻ جو حق آهي، جيتوڻيڪ رجوع ڪرڻ جي شرط نہ لڳائي هجي صحيح قول موجب.

(منحة الخالق مع بحرالرائق، جلد 2، صفحو 424)

اعليٰ حضرت امامِ اهلسنّت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ سوال جي جواب ۾ لکن ٿا: "جيڪڏهن قرض سيد محمد احسن صاحب پنهنجي خاص مال مان چاهي ڪنهن ٻئي کان قرض وٺي ادا ڪيو تہ هي هڪ اهڙو قرض آهي جيڪو هڪ ڀاءُ تي هو ۽ ٻئي ڀاءُ پنهنجي طرفان ادا ڪري ڇڏيو. اهو ڀاءُ سان سٺو سلوڪ ٿيو ۽ نيڪ سلوڪ تي ثواب جي اميد آهي پر معاوضو ملڻ جو حق ناهي، ڇاڪاڻ تہ ڪو بہ شخص نيڪ سلوڪ ۽ احسان ڪري ان جو عيوض زبردستي نٿو گهري سگهي. انهيءَ ڪري ڪتابن ۾ وضاحت آهي تہ جيڪو شخص ٻئي جو قرض ان جي حڪم کان سواءِ ادا ڪري ڇڏي، اهو ان کان واپس نہ وٺي سگهندو." (فتاوی رضویہ، 274/18)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



(قسط:2)

# اسلام جو معاشي نظام

مولانا فرمان علي عطاري مدني

**صحابہِ ڪرام ۽ ڪسبِ مال:** نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا تربيت ۽ صحبت يافتہ صحابہِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهم نبي پاڪ جي پيروي ڪندي پنهنجي ضرورت ۽ ٻارن ٻچن جي ڪفالت جي لاءِ ڪمائڻ ۽ محنت کي ترجيح ڏيندا ۽ طلبِ معاش جي لاءِ مختلف پيشا اختيار ڪندا هئا. پهريان خليفہ حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ خليفو بڻجڻ کان پهريان ڪپڙي جي تجارت ڪندا هئا.[1] ٻيا خليفہ، حضرت عُمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ماڻهن کان هن ڳالهہ تي مُزارَعَت ڪندا (يعني زمين ٻٽائي تي ڏيندا هئا) تہ جيڪڏهن پاڻ پنهنجي طرف کان ٻج آڻين تہ سندن نصف پيداوار ٿيندي ۽ جيڪڏهن هو ٻج آڻين تہ انهن جي لاءِ ايتري ايتري پيداوار ٿيندي.[2] چوٿان خليفہ حضرت موليٰ علي، شيرِ خُدا رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي گذر بسر جي لاءِ اجرت تي ڪم ڪندا هئا.[3] حضرت عبدُ الرحمٰن بن عَوف ۽ حضرت طلحہ بن عُبَيدُ الله رَضِیَ اللهُ عَنْهم بزّاز (يعني ڪپڙن جا تاجر) هئا.[4] حضرت ابوعبدُالله زبير بن عوّام رَضِیَ اللهُ عَنْهُ عَنہ جزّار هئا يعني گوشت جو ڪم ڪندا هئا.[5] حضرت عباس بن عبدُ المطلب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ عطر ۽ ڪپڙن جا تاجر هئا.[6] حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ مدائن جا گونر هئا بيتُ المال مال کين وظيفو ملندو هو پر ان جي باوجود پنهنجي هٿن سان ڪمائڻ کي ترجيح ڏيندا هئا ۽ ڪجيءَ جي ڦرهن جون ٽوڪريون بڻائيندا هئا، جيئن تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ خود فرمائن ٿا: مان پنهنجي هٿن جي ڪمائي مان کائڻ پسند ڪندو آهيان.[7]

**معاشي نظام جي تباهي جا اسباب اسلام جي نظر ۾:** اج اسان جي معاشي حالات جي بدحالي ڪنهن کان لڪيل ڇپيل ناهي، معاشري جو هر فرد انهيءَ ڪري بي سڪوني ۽ پريشاني جو شڪار آهي ۽ روزي ۾ بي برڪتي جي شڪايت ڪندي نظر ايندو آهي، اسان غور ڪيون تہ ان جو بنيادي سبب رزق ڪمائڻ جي متعلق اسلامي تعليمات کان اسان جو منهن ڦيرڻ آهي. هن دور ۾ تجارت ۽ ڪاروبار ۾ اسلامي اصولن جي خلاف ورزي ڪندي، ڪوڙ، ڌوڪو، بدديانتي، ملاوٽ، وياج ۽ خبر ناهي ڪهڙن ڪهڙن حرام طريقن کي اختيار ڪيو پيو وڃي جنهن سان اسان جي

معيشت تباهي جي طرف تيزيءَ سان وڃي رهي آهي. اچو! ڪمائڻ ۽ تجارت ۾ لڏيون ويندڙ ڪجھ بُرائين ۽ اُن جي نقصانن بابت ڄڻو ٿا:

**وياج کائڻ:** اسلام جي اصولِ تجارت مان هڪ وياج کائڻ کان بچڻ به آهي. ياد رکو! تجارت جي بدحالي ۽ ان جي تباهي ۾ وياج اهڙي منحوس شيءِ آهي جيڪا اسان جي معيشت کي اوڏاهي جيان کائي ويندي آهي، وياجي ڪاروبار ۾ بظاهر مال وڌندو نظر اچي رهيو هوندو آهي پر آهستہ آهستہ نہ صرف هي اسان جي ذاتي ڪاروبار بلڪ مُلڪي معيشت کي بہ تباھ و برباد ڪري ڇڏيندو آهي. نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هن جي تائيد ڪندي ارشاد فرمايو: وياج جيتوڻيڪ (ظاهري طور تي) گھڻو ٿئي هجي آخرڪار ان جو انجام گھٽ تي ٿئي ٿيندو آهي.[8] علامہ عبدُ الرؤف مُناوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: وياج جي ذريعي مال ۾ تيزيءَ سان اضافو ٿيندو آهي پر وياج وٺڻ واري شخص تي (مال جي) تباهي ۽ بربادي جا جيڪي دروازا کُلندا آهن انهن جي ڪري اهو مال گھٽ ٿيندي ٿيندي آخرڪار ختم ٿي ويندو آهي.[9]

اسان جي معاشري ۾ بدقسمتي سان وياجي نظام جو رواج وڌندو پيو وڃي ۽ ماڻهن کي حيلي بهاني سان قائل ڪري وياج وٺڻ تي اپاريو پيو وڃي، جڏهن کو تنگدست، بدحال، بي روزگار شخص پنهنجي مالي پريشاني ڪنهن سان بيان ڪندو آهي تہ سامهون وارو ان کي وياج تي قرض وٺڻ جو ذهن ڏيندو آهي يا ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ان جو بہ ذهن ٺھجي ويندو آهي ياد رکو! نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وياجي معاملات ڪرڻ واري، لکڻ واري ۽ ان تي گواھ ٺھجڻ واري تي لعنت فرمائي آهي.[10]

وياج جي مذمت تي وڌيڪ معلومات جي لاءِ "وياج ۽ ان جو علاج" نالي رسالي جو مطالعو نهايت مُفيد آهي.

**ڌوڪي بازي:** اسلام جي اصولِ تجارت مان هڪ ڌوڪي بازي کان بچڻ بہ آهي. هن باري ۾ اسلامي تعليمات هي آهن تہ عيبدار شيءِ خريدار کي ٻڌائڻ بغير ڏيڻ جي بدران ان عيب کي خريدار جي سامهون بيان ڪرڻ گھرجي. ان کان علاوه خالص شيءِ ۾ ملاوٽ ڪرڻ، ڪوڙي قَسم جي ذريعي پنهنجي خراب شيءِ جي تعريف ڪري خريدار کي اعتماد ڏيارڻ، پڻ ماپ تور ۾ چالاڪيءَ سان خيانت ڪرڻ هي سڀ ڌوڪي بازي جون صورتون آهن. ياد رکندا! ڌوڪي بازي سان نہ صرف خريدار جو اعتماد ٽُٽندو آهي، اوهان جي عزّت ان

جي نظرن ۾ ختم ٿي ويندي آهي بلڪ ان سان اوهان جي ڪاروبار کي نقصان پهچندو. حديثِ پاڪ ۾ آهي: قيامت قائم نہ ٿيندي ايستائين جو تاجر(دنيا جي) ٻنهي ڪُنڊن تائين پهچندو پر ان کي نفعو حاصل نہ ٿيندو.[11] حضرت علامہ محمد بن عبدُالرسول برزنجي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هي (تجارت ۾ نفعو نہ ٿيڻ) ان ڳالھ جي طرف اشارو آهي تہ (قربِ قيامت) تاجرن ۾ ڌوکي بازي ۽ ڪوڙ جو غلبو هوندو جنهن جي ڪري "تجارت" ۾ برڪت نہ هوندي.[12] هڪ ٻيءَ حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو ڪنهن مومن کي نقصان پهچائي يا ان سان مَڪر ۽ ڌوکي بازي ڪري اهو مَلعون آهي.[13]

**زڪوات نہ ڏيڻ:** معاشي تباهي جو هڪ سبب سال پورو ٿيڻ تي پنهنجي مال جي زڪوات نہ ڏيڻ بہ آهي. زڪوات اسلام جو هڪ بنيادي رُڪن ۽ اهم ترين مالي عبادت آهي. هي هڪ اهڙو خوبصورت نظام آهي، جنهن جي ذريعي معاشري ۾ غريب ۽ محتاج ماڻهن کي مالي مدد ملندي آهي. جيڪڏهن سمورا مالدار ماڻهو درست طريقي سان زڪوات جي ادائيگي ڪن تہ اسان جي معاشري مان غربت ۽ تنگدستي جو خاتمو ٿي وڃي ۽ اسان جي معيشت مضبوط ۽ مُستحڪم ٿي سگهي ٿي. پر افسوس! اسان جي معاشري جو مالدار طبقو بخل جي ڪري پنهنجي دولت کي جمع رکندو آهي ۽ زڪوات جي صورت ۾ مال جو واجبي حق بہ ادا ناهي ڪندو، تہ دولت پنهنجي جڳھ تي منجمد (بنا وڌڻ جي) رهندي آهي، مُستحقن تائين ناهي پهچندي، هن طرح اهي پنهنجون ضروري شيون خريد ناهن ڪري سگهندا، جڏهن مال جي اچ وڃ بند ٿي ويندي، غربت ۽ مُفلسي ۽ محتاجي وڌي ويندي، ان جو اثر اسان جي معيشت تي بہ پوندو ۽ اسان جو معاشي نظام تباھ و برباد ٿي ويندو. نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن باري ۾ ارشاد فرمايو: جيڪا قوم زڪوات نہ ڏيندي، الله پاڪ ان کي قحط ۾ مُبتلا فرمائيندو.[14] ارشاد فرمايائون: خشڪ ۽ تَري ۾ جيڪو مال تلف(يعني ضايع) ٿيندو آهي، اهو زڪوات نہ ڏيڻ جي ڪري ضايع ٿيندو آهي.[15]

**ذخيرو ڪرڻ:** معاشي تباهي جو هڪ سبب اِحتِڪار يعني ذخيرو ڪرڻ بہ آهي احتڪار جي لغوي معنىٰ آهي مهانگائي جي انتظار ۾ ڪنهن بہ شيءِ جو ذخيرو ڪرڻ. جڏهن تہ شريعت جي اصطلاح ۾ اها شيءِ جيڪا انسانن يا جانورن جي بنيادي خوراڪ آهي ان کي هن نيت سان روڪي رکڻ تہ جڏهن هن جي قيمت وڌيڪ ٿيندي

تڏهن وڪڻندُس پر شرط هي آهي تہ نہ وڪڻڻ سان ماڻهن کي نقصان ٿئي ۽ اها شيءِ شهر يا شهر جي ويجهو خريد ڪئي هجي، هي اِحتِڪار چورائيندو آهي.[16]

ياد رهي تاجرن جي هن حرص جي ڪري مارڪيٽ مان اناج وغيره کائڻ پيئڻ جون شيون اڻلڀ ٿي وينديون آهن شين جي قيمت وڌي ويندي آهي جنهن سان شايد ماڻهن کي پريشاني ٿيندي آهي ۽ ان سان اسان جي معيشت کي بہ ڪافي نقصان پهچندو آهي پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هن قسم جو ذخيرو ڪرڻ جي مذمت ڪندي ارشاد فرمايو: جيڪو مهانگائي وڌائڻ جي نيت سان چاليهہ ڏينهن پيداوار روڪي تہ اهو الله پاڪ کان پري ٿي ويو ۽ الله پاڪ ان کان بيزار ٿي ويو.[17] حڪيمُ الأمت مُفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: چاليهن ڏينهن جو ذڪر حدبندي جي لاءِ ناهي، تہ جيئن ان کان گهٽ اِحتِڪار جائز هجي، بلڪ مقصد هي آهي تہ جيڪو اِحتڪار جو عادي ٿي وڃي ان جي هيءَ سزا آهي.[18]

جيڪو مسلمانن تي انهن جي روزي (پيداوار) روڪي الله پاڪ ان کي ڪوڙهہ ۽ مُفلسي ۾ ماري.[19] انهن جي روزي فرمائڻ ۾ اشارةً فرمايائون تہ اِحتڪار مطلقاً ممنوع آهي پر مسلمانن تي اِحتِڪار وڌيڪ بُرو آهي جو مسلمان کي تڪليف ڏيڻ ٻين کي تڪليف ڏيڻ کان بدتر آهي.[20]

تنهنڪري انهن تاجرن کي هن بُري صفت کان بہ بچڻ گهرجي چوتہ هيءَ الله ۽ رسول جي ناراضگي، مسلمانن جو بُرو چاهڻ سان گڏوگڏ مال ۾ بي برڪتي ۽ معاشي تباهي جو سبب پڻ آهي.

**رشوت:** معاشي حالات جي خرابي ۽ اسان جي ادارن جي بربادي جو هڪ سبب رشوت کائڻ بہ آهي جنهن جي وجهہ سان اسان جي ملڪي خزانن کي خسارو ۽ معيشت تباهہ ٿي رهي آهي. مثال طور جيڪڏهن ڪنهن شخص کي مارڪيٽ يا ان جي ويجهو پنهنجو ننڍو دڪان شروع ڪرڻو آهي تہ چڱي جڳهہ جي لاءِ پهريان اتان جي عهديدارن، مالڪن ۽ آفيسرن کي پيسو کارائڻو پوندو آهي، ان کان پوءِ مالڪن کي ڪِرائو ادا ڪرڻ سان گڏوگڏ هفتيوار يا ماهوار آفيسرن جو حصو بہ خاص ڪيل هوندو آهي، ان کان علاوهہ ڪٿي ملازمت ڪرڻي هجي تہ جعلي دستاويزات ۽ رشوت جي ذريعي ڪوبہ نااهل شخص ڪنهن بہ عهدي تي فائز ٿي سگهي ٿو ۽ اهليت رکڻ واري ملازمت جي ڳولا ۾ بي روزگار ئي رهجي ويندو آهي، ان کان علاوه ڪوبہ قانون جي خلاف ڪم ڪرڻو هجي يا ڪنهن ڏوهہ ۾ پڪڙيا

ويا تہ پيسا ڏئي ڪري پنھنجي عزّت بچائي سگھجي ٿي ۽ پنھنجو ڪم ڪيرائي سگھجي ٿو. مطلب تہ پنھنجي ڪنھن بہ مشڪل ڪم جي لاءِ رشوت ڏيڻ ۽ وٺڻ جو ذريعو نھايت عام آھي جيڪڏھن ڪو رشوت نہ ڏي ان ڪي وڏي مشڪلات ۽ مسئلن جو منھن ڏسڻو پوندو آھي. ياد رکو! جتي معمولي دڪاندار، ريڙھي واري کي رشوت جي ناليءَ تي پيسا ڏيڻا پون ۽ نہ ڏيڻ تي ان جو ڪاروبار ختم ڪيو وڃي اھو بي روزگار ٿي ويھي رھي تہ ھن طرح معيشت ڪيئن ترقي ڪندي؟ اھڙيءَ طرح ڪنھن اداري ۾ ڪو نااھل رشوت ڪارائي ڪري ڪنھن عھدي تي ويھي وڃي ۽ اداري جا ڪم نہ ڪري سگھي، استاد ٿي ڪري پڙھائڻ جي صلاحيت نہ ھجي، ڪنھن ڪمپني ۾ ٿيڻ وارا ڪم نہ ڪري سگھي، انتظامي معاملات درست طريقي سان نہ ھلائي سگھي ۽ ڪنھن بہ اداري يا ڪمپني جو مالي نقصان ئي ڪندو رھي تہ ان ڪمپني کي ڪھڙو فائدو؟ اھڙيءَ طرح قانوني ادارن ۾ بہ جڏھن پيسا وٺي ڪري مجرم کي ڇڏيو وڃي تہ اسان جي مُلڪ ۾ ڏوھَن جو انگ وڌندو ويندو ۽ بي روزگاري عام ٿيندي، اسان جي ادارن ۾ مال جي ڪرپشن جي ڪري اسان جي معيشت ۾ خسارو ٿيندو.

پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رشوت ڏيڻ واري ۽ وٺڻ واري (ٻنھي) تي لعنت فرمائي آھي ۽ ٻنھي کي جھنمي قرار ڏنو آھي.[21]

انھن ڪمن کان علاوه بہ ٻيا اھڙا ڪم آھن جيڪي اسان جي معيشت جي بربادي، رزق ۾ بي برڪتي ۽ محتاجي جو سبب بڻجندا آھن تنھنڪري ڪمائڻ ۽ تجارت ۽ ملازمت ۾ ھميشہ اسلامي اصولن جي پاسداري ڪري حلال رزق ڪمائڻ گھرجي.

---

1 حديقہ نديہ،222/1
2 بخاری، 87/2،حديث:2327
3 حديقہ نديہ،222/1
4 المعارف لابن قتيبہ،ص575
5 سيرتِ حلبيہ،396/1
6 تاريخ ابن عساکر،313/8
7 حلية الاولياء،258/1
8 مستدرک،339/2،حديث2309
9 فيض القدير،66/4،تحت الحديث:4505
10 مسلم، ص663، حديث:4093
11 معجم کبير،297/9،حديث: 9490
12 الاشاعة لاشراط الساعة، ص 112
13 ترمذی،378/3، حديث:1948
14 معجم الاوسط، 275/3، حديث: 4577
15 الترغيب و الترہيب، 1 / 308، حديث:16
16 ماہنامہ فيضان مدينہ، ذو القعدة الحرام 1439ھ،ص33،احکام تجارت
17 مشکاة المصابيح،536/1،حديث: 2896
18 مرأة المناجيح، 290/4
19 ابن ماجہ،14/3، حديث:2155
20 مرأة المناجيح،290/4
21 ابو داؤد، 420/3، حديث:3580-معجم اوسط،550/1، حديث: 2026





# قرباني جا احتياط

مولانا حاجي محمد عمران عطاري

قرباني هڪ اهم فريضو آهي جنهن جي ادائيگي جي لاءِ مسلمان پنهنجي حيثيت جي مطابق مال خرچ ڪندا آهن ۽ سنّتِ ابراهيمي کي ادا ڪندا آهن. تنهنڪري قرباني سيني کي راضي ڪرڻ جي بدران پنهنجي ربَّ کي راضي ڪرڻ جي نيت سان ۽ تقويٰ ۽ اخلاص کي پيش نظر رکندي ڪرڻ گهرجي. نگرانِ شوريٰ مولانا حاجي محمد عمران عطاري هڪ بيان ۾ قرباني بابت مدني گُلَ ارشاد فرمايا انهن مان ڪجهه ملاحظه ڪيو:

(1) حديثِ پاڪ ۾ آهي انسان قرباني عيد جي ڏينهن ڪا اهڙي نيڪي ناهي ڪندو جيڪا الله پاڪ کي رت وهائڻ کان وڌيڪ پياري هجي، هيءَ قرباني قيامت جي ڏينهن پنهنجي سڱن وارن ۽ کُرن سان ايندي ۽ قرباني جو رت زمين تي ڪِرڻ کان پهريان الله پاڪ وٽ قبول ٿي ويندو آهي. تنهنڪري خوش دلي سان قرباني ڪيو. (ترمذی،162/3حدیث1498)

حضرت علامہ شيخ عبدُ الحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: قرباني، پنهنجي ڪرڻ واري جي نيڪين جي پُڙ ۾ رکي ويندي جنهن سان نيڪين وارو پُڙ وزندار ٿي ويندو. (اشعۃاللمعات،1 /654)

حضرت علامہ علي قاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پوءِ ان جي لاءِ سواري بڻجندي جنهن جي ذريعي هي شخص آساني سان پلصراط تان گذرندو ۽ ان (جانور) جو هر عضوو مالڪ (يعني قرباني پيش ڪرڻ واري) جي هر عُضوي (جي لاءِ جهنم کان آزادي) جو فديو بڻجندو. (مرقاۃ المفاتیح، 574/3تحت الحدیث 1470،مراۃ ،375/2)

(2) قرباني خوش دلي ۽ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ ڪرڻ گهرجي چوتہ قرباني جي دعا جيڪا قرآنِ ڪريم جون 2 مبارڪ آيتون آهن:

(1) اِنِّیْ وَجَّهْتُ وَجْهِیَ لِلَّذِیْ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ حَنِیْفًا وَّمَاۤ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِیْنَ (سيپارو: 7، الانعام، 79)

ترجموڪنزُالعرفان: مون هر باطل کان جُدا ٿي ڪري پنهنجو منهن ان جي طرف ڪيو جنهن آسمان ۽ زمين بڻايا ۽ مان مُشرڪن مان ناهيان

(2) اِنَّ صَلَاتِیْ وَنُسُكِیْ وَمَحْیَایَ وَمَمَاتِیْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ ﴿۱۶۲﴾ لَا شَرِیْكَ لَهٗ وَبِذٰلِكَ اُمِرْتُ وَاَنَا مِنَ الْمُسْلِمِیْنَ

(سيپارو: 8، الانعام، 162)

ترجموڪنزُالعرفان: بيشڪ منهنجي نماز ۽ منهنجون قربانيون ۽ منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ الله جي لاءِ آهي جيڪو سڄي جهانن جو رب آهي ان جو ڪو شريڪ ناهي انهيءَ جو مون کي حڪم ڏنو ويو آهي ۽

مان سڀ کان پهريون مسلمان آهيان.

هنن ٻنهي ۾ بہ اهو ئي (يعني عبادت کي الله جي رضا جي لاءِ ڪرڻ جو) درس ملي ٿو. جيڪڏهن اسان هن مفهوم کي ذهن ۾ رکندي قرباني ڪيون تہ قرباني جو لطف وڌي ويندو.

(3) قرباني جي لاءِ جيڪو مهانگو جانور ورتو ويو ان جي خريداري ۾ اخلاص نهايت ضروري آهي ڇوتہ هي ڪم اسان عبادت جي نيت سان ڪندا آهيون ۽ جيڪڏهن عبادت ۾ رياڪاري هجي تہ اها ان کي ضايع ڪري ڇڏيندي آهي.

(4) قرباني هڪ عبادت آهي ۽ شيطان رياڪاري جي ذريعي ڪنهن بہ عبادت کي باطل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل رهندو آهي ۽ ٻانهو جيڪو نيڪي جي نيت سان ڪرڻ چاهيندو آهي شيطان ان کي گناهہ جو سبب بڻائي ڇڏيندو آهي.

(5) قرباني پنهنجي پاڪ مال مان ڪيو ۽ ان ۾ اخلاص کي پيشِ نظر رکو.

(6) اوهان منڊي جو سڀ کان مهانگو ۽ خوبصورت جانور خريد ڪري آڻيو پر پنهنجي نيت تي بہ هڪ ڀيرو غور ڪيو تہ مان جيڪو هي مهانگو جانور خريد ڪري آيو آهيان ان جو مقصد الله جي رضا ۽ خوشنودي آهي يا شهرت جو حصول ۽ حُبِ جاهہ مقصود آهي.

(7) جيڪڏهن ڪو هر سال مهانگو جانور خريد ڪندو هو پر هن ڀيري مهانگائي جي ڪري گنجائش ناهي تہ ڪو سستو جانور خريد ڪري تہ جيئن قرباني جو واجب تہ ادا ٿي وڃي. هاڻي جيڪڏهن ڪو هي سوچيندو هجي تہ مان سستو جانور آڻيندُس تہ "ماڻهو ڇا چوندا" تہ اهڙي شخص کي پنهنجي نيت تي غور ڪرڻ گهرجي (تہ اهو هاڻي تائين ڪهڙي نيت سان قرباني ڪندو رهيو آهي).

(8) جيڪڏهن ڪو مهانگو جانور آندو جنهن کي ڏسڻ جي لاءِ ماڻهن جي رش لڳل رهندي هجي تہ اسان کي ان جي نيت تي شڪ نہ ڪرڻ گهرجي تہ هي ڏيکاء جي لاءِ ئي آندو اٿس (جيڪڏهن اسان ان جي نيت تي هن طرح تبصرو ڪنداسين تہ هيءَ بدگماني چورائيندي جيڪو وڏو گناهہ آهي).

(9) ڪنهن جو ڀَلو جانور ڏسي ڪري ان جي تعريف ڪرڻ گهرجي تہ مَاشَآءَالله اوهان خوبصورت جانور ورتو آهي الله پاڪ اوهان جي قرباني قبول فرمائي.

(10) جنهن الله جي راهہ ۾ گهڻا پيسا خرچ ڪرڻ جي نيت سان پنهنجي استطاعت کان وڌيڪ مهانگو جانور ورتو پر تبصرو ڪرڻ وارن ان تي رياڪاري جو ليبَل هڻي ڇڏيو تہ هي بُري ڳالهہ آهي، ممڪن آهي حيثيت کان وڌيڪ الله جي راهہ ۾ پيسا خرچ ڪرڻ جي برڪت سان ان جي لاءِ جنت ۾ محل ٺاهيو وڃي ۽ ان جي لاءِ درجات جي بلندي جو سبب بڻجي وڃي.

(11) قرباني جي جانور جي عُمر: ”اُٺ، پنجن سالن جو، ڍڳي ٻن سالن جي، ڇيلو (ان ۾ ٻڪري، گهيٽو، گهيٽي ۽ رِڍَ (نر ۽ مادي) ٻئي شامل آهن) هڪ سال جو. ان کان عمر گهٽ هجي ته قرباني جائز ناهي، وڌيڪ هجي ته جائز بلڪ افضل آهي. ها دُنبو يا رِڍَ جو ڇهن مهينن جو ڦُرُ جيڪڏهن ايترو وڏو هجي جو پري کان ڏسڻ ۾ سال جو لڳندو هجي ته ان جي قرباني جائز آهي.

(درمختار،9/533)

ياد رکو! مطلقاً ڇهن مهينن جي دُنبي جي قرباني جائز ناهي، ان جو ايترو ٿلهو متارو ۽ قدوارو هجڻ ضروري آهي جو پري کان ڏسڻ ۾ سال جو لڳي. جيڪڏهن 6 مهينن بلڪ سال ۾ هڪ ڏينهن به گهٽ عمر جو دُنبو يا رِڍَ جو ڦُرُ پري کان ڏسڻ ۾ سال جو نٿو لڳي ته ان جي قرباني نه ٿيندي.

(12) قرباني جو جانور خريد ڪرڻ جي لاءِ پاڻ سان گڏ ڪنهن اهڙي تجربي ڪار شخص کي وٺي وڃو جيڪو جانور جي عُمر ڏسي، ان جو عيب وغيره ڏسڻ ۾ ماهر هجي، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي ڪيئي ڀيرا ڏٺو ويو آهي ته پاڻ جانور جي حوالي سان قاصائين کان تمام گهڻي معلومات وٺندا آهن.

(13) جانور جي مختلف عضون کي کائڻ جي باري ۾ مختلف احڪام آهن ته جانور جا ڪهڙا عضوا حلال، ڪهڙا حرام ۽ ڪهڙا مڪروه آهن، ۽ مڪروه ۾ ڪهڙو حصو تنزيهي ۽ ڪهڙو تحريمي آهي، اسان کي ان باري ۾ ڪا معلومات ئي ناهي.

(14) جيڪڏهن ڪو قاصائي سان گڏ صرف ڇُري تي هٿ رکي ته مان به جانور ذبح ڪرڻ ۾ شامل ٿي ويندُس ته ٻنهي تي تڪبير پڙهڻ واجب آهي، جيڪڏهن هڪ به ڄاڻي واڻي ڪري ڇڏي ڏني يا خيال ڪندي ته ٻئي پڙهي هوندي مونکي پڙهڻ جي ڪهڙي ضرورت ته ٻنهي صورتن ۾ جانور حلال نه ٿيندو.

(15) ڪجهه ماڻهو جانور کي ڪيرائڻ کان پوءِ ان کي ڪِهلي قبلي طرف ڪندا آهن اهڙي صورت ۾ جانور کي ڏاڍي تڪليف ٿيندي آهي. اسان کي قربانيءَ جي جانور بابت ڪيترائي حڪم ڏنا ويا آهن اسان کي اهي نظر ۾ رکڻ گهرجن.

(16) قربانيءَ جي جانور تي ڇُرِي هلائڻ وقت پنهنجي رب جي بارگاهه ۾ هن ريت عرض ڪيو ته: اي پاڪ الله جيئن مون اڄ تنهنجي حڪم سان هي جانور قربان ڪيو آهي تيئن ئي جيڪڏهن وقت آيو ته مان تنهنجي دين جي خاطر پنهنجي جان به قربان ڪري ڇڏيندُس.

(17) قربانيءَ جا فضائل، مسئلا ۽ ان بابت وڌيڪ فائديمند معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ امير اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو رسالو ”ابلق گهوڙي سوار“ جو مطالعو تمام فائديمند ثابت ٿيندو.




# سَهوءِ ڪُمي

مولانا حيدر علي مدني

سالانہ امتحانن کان بعد موڪلن ۽ رزلٽ جي اعلانن کان بعد اسڪول جو اڄ پهريون ڏينهن هو، سڀ ٻار خوشي سان اچي رهيا هئا، نوان ڪتاب ملڻ، نئين ڪلاس روم ۾ شفٽ ٿيڻ هي سڀ ڪجهہ تمام دلچسپ لڳي رهيو هو پر هيءَ خوشي ايستائين هئي جيستائين اسڪول جو گيٽ نہ آيو هو، ڇو جو اتي پهچي ڪري ڏٺو تہ اسڪول جو مين گيٽ اڃان تائين بند هو، ان کان پهريان جو ٻار موڪل سمجهي ڪري واپس موٽي وڃن ها اسڪول جي اسپيڪر مان اعلان ٿيڻ لڳو تہ سڀ ٻارَ اسڪول جي پرسان ٺهيل پلي گرائونڊ ۾ جمع ٿيندا وڃن، اڄ اسڪول جو گيٽ دعائيہ اسمبلي جي وقت کان صرف پنج منٽ پهريان ئي کُلندو. سڀ ٻارَ حيران ٿي ڪري گرائونڊ جي طرف وڃي رهيا هئا جتي ڪجهہ ٻار تہ راند روند ۾ مگن ٿي چڪا هئا هونئن بہ انهن ڪلاسز ۾ ٿيلها رکڻ کان بعد واپس اچي ڪري اهو ئي ڪرڻو هو جڏهن تہ ڪجهہ ٻار ڪچهري ۾ مشغول ٿي ويا هئا.

اڃا ٿيڻ ۾ پنج منٽ باقي هئا جڏهن اعلان ٿيو تہ اسڪول جو گيٽ کُلي رهيو آهي سڀ ٻار چار قطارون ٺاهي ڪري اسمبلي هال ۾ اچي وڃن، گرائونڊ ۾ سر پي ٽي (Phycycle trainer) بہ موجود هو جن جي نگراني ۾ سڀ ٻار چار قطارون ٺاهي ڪري هلڻ لڳا، اسڪول جي گيٽ تي پهچي ڪري سڀ ٻار حيران ٿي ويا جتي انهن جا استادَ گلن جي پتين واريون پليٽون هٿن ۾ پڪڙي بيٺا هئا جيئن ئي ٻارَ اسڪول جي گيٽ کان اندر داخل ٿيڻ لڳا سڀ ئي استادَ انهن تي پتيون ڇٽڻ لڳا ۽ ٻارَ خوشيءَ سان اڳتي وڌڻ لڳا ۽ ڪجهہ ٻارن بلند آواز سان پنهنجي استادن جو شڪريو بہ ادا ڪيو. گيٽ کان اسمبلي هال تائين ڳاڙهو ڪارپيٽ بہ وڇايل هو ۽ ديوارن تي ڪجهہ رنگين پلي ڪارڊز بہ لڳل هئا هڪ تي لکيل هو "طالبَ قوم جو مستقبل هوندا آهن." ٻين تي بہ طالبن جي باري ۾ ئي ڪجهہ لکيل هو. هي سڀ ڏسي ڪري تہ طالبَ پاڻ کي وي آئي پي گيسٽ سمجهي رهيا هئا.

جڏهن سڀ ئي ٻار اسمبلي هال ۾

پنهنجي پنهنجي ڪلاس جي قطارُن ۾ بيهي چڪا هئا تہ پرنسپل صاحب جيڪي پهريان مائيڪ هٿ ۾ پڪڙي بيٺا هئا، چوڻ لڳا: سيني ٻارن کي اَلسَّلامُ عَلَيْكُم وَرَحْمَةُ الله! عزيز طلبا اوهان کي منهنجي ۽ سيني استادن جي طرف کان پليڪار! اوهان کي ڪوڙ ساريون مبارڪون هجن جو پنهنجي تعليمي سفر ۾ هيسيتائين اوهان ڪاميابي سان پهچي چڪا آهيو، هاڻي جڏهن تہ اوهان جو نئون تعليمي سال شروع ٿي رهيو آهي تہ اسان سڀ ئي استاد اوهان کي گذارش ڪرڻ چاهيون ٿا ايترو چئي ڪري پرنسپل صاحب مائيڪ پنهنجي ساڄي طرف بيٺل سر بلال کي ڏني.

سلام کان پوءِ سر بلال چوڻ لڳو: ٻارو! قيامت جي ڏينهن هڪ شخص کي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضر ڪيو ويندو، تہ الله پاڪ ان کي پنهنجون نعمتون ياد ڏياريندو تہ هو بہ انهن نعمتن جو اقرار ڪندو، پوءِ الله پاڪ ان کان دريافت فرمائيندو: ”تو انهن نعمتن جي بدلي ڇا ڇا ڪيو؟“ هو عرض ڪندو تہ ”مون علم سکيو ۽ سيکاريو ۽ تنهنجي لاءِ قرآنِ پاڪ پڙهيو.“ الله پاڪ ارشاد فرمائيندو: ”تون ڪوڙو آهين تو علم ان ڪري سکيو تہ جيئن توکي عالِم چيو وڃي ۽ قرآنِ ڪريم ان ڪري پڙهيو تہ جيئن توکي قاري چيو وڃي ۽ اهو توکي چيو ويو.“ پوءِ ان کي جهنم ۾ وجهڻ جو حڪم ٿيندو تہ ان کي اونڌو گهلي ڪري جهنم ۾ وِڌو ويندو.

تہ پيارا ٻارو سڀ کان پهرين ڳالهہ تہ هيءَ آهي تہ اسان ان ڪري علم حاصل ڪيون تہ الله ۽ رسول جا فرمانبردار ٻانها بڻجي وڃون، پڙهي لکي ڪري ڪامياب ماڻهو بڻجي ڪري پنهنجي والدين، مسلمانن ۽ وطن جي ڪم اچي سگهون.

سر بلال پنهنجي گفتگو ختم ڪري مائيڪ ويجهو بيٺل سر عمير کي ڏني، اهو چوڻ لڳو: ٻارو اوهان کي خبر آهي تہ رڪاب ڇاکي چوندا آهن؟ اڪثر ٻارن نہ چوندي مٿو لوڏيو. هلو ٻڌو: جيئن موٽر سائيڪل ۾ پيرَ رکڻ جي لاءِ پيڊل نهيل هوندا آهن ائين ئي گهوڙي تي ويهڻ واري جي پيرن رکڻ جي لاءِ جيڪي پيڊل نهيل هوندا آهن انهن کي رڪاب چوندا آهن. هاڻي اوهان کي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُئوٺ جي عادت ٻڌايان ٿو، سندن پنهنجي استاد محترم جو نهايت ادب ۽ احترام ڪندا هئا ايستائين جو جڏهن استاد محترم گهوڙي تي سوار ٿيندا تہ هي گڏ پيادل هلندا ۽ رڪاب پڪڙي رکندا هئا. پيارا ٻارو اوهان ٻڌوئي هوندو باادب

بانصيب بي ادب بي نصيب، تہ هميشہ ياد رکو تہ علم سان گڏوگڏ ادب بہ اپنائڻو آهي، ادب ۾ صرف استادَ ئي نہ بلڪہ جتي علم حاصل ڪري رهيا آهيو يعني اسڪول جو، پنهنجي ساٿين جو، جن ڪان علم ملندو آهي يعني ڪتابن وغيره هر شيءِ جو ادب ڪرڻ پنهنجي عادت بڻايو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیم! ادب هوندو تہ علم سان دنيا ۽ آخرت ٻنهي جاين تي فائدو حاصل ڪري سگهندا.

سر عمير پنهنجي گفتگو ختم ڪرڻ ڪان بعد مائيڪ اردو جي استاد سر محسن کي ڏني، ٻارو اوهان سهي ۽ ڪُميءَ جي ڊوڙ (Race) واري ڪهاڻي تہ ٻڌي ئي هوندي، خبر آهي ان ۾ سهو ڪير آهي ۽ ڪُمي ڪير آهي، سهو اهي ٻارَ آهن جيڪي پڙهڻ ۾ سُٺا آهن پر چٽيون ڪندا آهن، اجايو راند روند ۾ پنهنجو وقت ضايع ڪندا آهن ڪُمي اهي آهن جيڪي جيتوڻيڪ پڙهڻ ۾ گهڻو تيز ناهن پر پنهنجو وقت برباد ناهن ڪندا، پابندي سان اسڪول ايندا آهن، سمورا سبقَ پابندي سان روزانو ياد ڪندا آهن هڪ وقت ايندو آهي جو هي ٻار ڪمزور هجڻ جي باوجود اڳتي نڪري ويندا آهن تہ هن نئين تعليمي سال ۾ اوهان سڀ ئي پڪو ارادو ڪيو تہ فضول چٽين سان گڏوگڏ فضول ايڪٽويٽيز ۾ وقت برباد ڪرڻ جي بدران پنهنجي منزل يعني پڙهائي تي توجهہ برقرار رکڻو آهي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیم! ان سان نہ صرف اسان استادَ بلڪہ اوهان جا والدين بہ خوش ٿي ويندا ۽ خبر اٿوَ نہ تہ والدين راضي تہ رب راضي، رب راضي تہ سڀ راضي. هلو هاڻي سڀ ئي ٻارَ قطارن ۾ ئي پنهنجي پنهنجي واريءَ تي پنهنجي ڪلاسز جي طرف وڃن.



# مدني مذاڪري جا سوال جواب

## (1) ڇا حرام جانور جو نالو وٺڻ سان 40 ڏينهن تائين نماز قبول ناهي ٿيندي؟

**سوال:** ڇا حرام جانور جو نالو وٺڻ سان 40 ڏينهن تائين نماز قبول ناهي ٿيندي؟

**جواب:** حرام جانور تہ ڪتو ۽ ٻلي بہ آهن، پر هڪ مخصوص جانور آهي جنهن جي متعلق ماڻهن ۾ هي غلط سوچ عام آهي ۽ شايد انهيءَ ڪري سائل بہ ان حرام جانور جو نالو نہ ورتو، حالانڪہ ان جانور جو نالو قرآنِ پاڪ ۾ بہ آيو آهي ۽ اهو حرام جانور "خنزير" آهي. (ڏسو: سيپارو 2، البقرة: 173) ۽ خنزير جو لفظ چوڻ سان نہ وضو ٽُٽندو آهي نہ گناه ملندو آهي.

(مدنی مذاکرہ، 30صفر شریف1442ھ)

## (2) ڇا ٻارن کي سبق ياد نہ ٿيڻ تي استاد جي پڪڙ ٿيندي؟

**سوال:** جيڪڏهن ٻارن کي سبق ياد نہ هجي تہ ان تي استاد جي پڪڙ ٿيندي؟ پڻ جن ٻارن کي سبق ياد ناهي ٿيندو انهن جي لاءِ ڪو وظيفو ارشاد فرمائيندا.

**جواب:** جيڪڏهن استاد جي پوري ڪوشش جي باوجود بہ ٻارن کي سبق ياد ناهي ٿيندو تہ ان ۾ استاد جو ڪوبہ قصور ناهي. ياد رکو! ڪجهہ ٻارَ ذهين هوندا آهن ۽ ڪجهہ ڪُند ذهن، ڪنهن جو حافظو مضبوط هوندو آهي تہ ڪنهن جو ڪمزور. استاد کي گهرجي تہ ڇاڻي واڻي ڪري ڪوتاهي، سستي ۽ گهٽتائي نہ ڪري ۽ پنهنجي طرف کان پوري ڪوشش ڪندو رهي. ۽ حافظي جي مضبوطي جي لاءِ "يَاعَلِيْمُ" 7 ڀيرا ۽ هر ڀيري بِسۡمِ اللّٰه شريف سان گڏ "سورت اَلَمْ نَشْرَحْ" 21 ڀيرا پڙهي ڪري پاڻيءَ تي دم ڪري جنهن ٻارَ يا وڏي جو حافظو ڪمزور هجي ان کي پياريو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيْم! حافظو مضبوط ٿي ويندو.

(بیمار عابد، ص 42-مدنی مذاکرہ، 2محرم الحرام 1442ھ)

## (3) ٻارن جي لاءِ راند روند جي وقت جون احتياطون

**سوال:** ڪجهہ ٻار راند روند جي وقت الماڙي وغيره ۾ لڪي ويندا آهن، انهن جي تربيت جي لاءِ اوهان ڇا ٿا فرمايو؟

**جواب:** ٻارن کي الماڙي، ڪارٽن، خالي Box (يعني دٻي)، فريج يا خالي ٽينڪي ۾ نہ لڪڻ گهرجي، ڇوجو ڪڏهن ڪڏهن ٽينڪيءَ جو ڍڪڻ بند ٿي ويندو آهي جنهن جي ڪري Oxygen يعني هوا ناهي ملندي ۽ جان خطري ۾ پئجي ويندي آهي. ٻارن کي تہ پاڻيءَ جي ٽينڪيءَ ۾ تہ جهاتي پائي

ڪري ٻہ نہ ڏسڻ گھرجي، ڇوتہ جيڪڏھن ٽينڪيءَ ۾ پاڻي ھوندو تہ ٻارَ ٻُڏي سگھن ٿا، اھڙيءَ طرح دريءَ مان صِحن (Balcony) ۾ جھاتي پائڻ ۾ بہ Risk (يعني خطرو) ھوندو آھي، ڇوتہ اتان ٻار ڪِري سگھي ٿو ۽ ڏڪ لڳي سگھي ٿو.

(مدنی مذاکرہ، 9صفر شریف 1442ھ)

## (4) سفر تي ويندي وقت قرآن جي ڇانوَ مان گذرڻ ڪيئن؟

**سوال:** سفر تي وڃڻ واري کي قرآنِ پاڪ جي ڇانوَ مان گذرڻ ڪيئن؟

**جواب:** جائز آھي. (مدنی مذاکرہ، 2محرم الحرام 1442ھ)

## (5) جنھن عقيقو نہ ڪيو ھجي ان جو قرباني ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** جيڪڏھن ڪنھن عقيقو نہ ڪيو تہ ڇا اھو قرباني ڪري سگھي ٿو؟ ۽ قرباني ڪڏھن واجب ٿيندي آھي ۽ ڇا قرباني جي جانور ۾ بہ عقيقو ڪري سگھجي ٿو؟

**جواب:** جنھن عقيقو ناھي ڪيو اھو بہ قرباني ڪري سگھي ٿو ۽ قرباني پنھنجي شرائط سان واجب ٿيندي آھي، قرباني واجب ھوندي جيڪڏھن ڪو قرباني نہ ڪندو تہ گنھگار ٿيندو پر عقيقو نہ ڪرڻ سان ٻانھو گنھگار ناھي ٿيندو جو عقيقو مستحب آھي. ۽ قرباني جو وڏو جانور جنھن ۾ ست حصا ھوندا آھن ان ۾ بہ عقيقي جو حصو شامل ڪري سگھجي ٿو ايئن قرباني ۽ عقيقو ٻئي ٿي ويندا. وڌيڪ معلومات جي لاءِ مڪتبۃُ المدينہ جا رسالا "**ابلق گھوڙي سوار**" ۽ "عقيقي جي باري ۾ سوال جواب" پڙھندا، اِنْ شَآءَاللّٰہُ الْکَرِیم! تمام گھڻو فائدو ٿيندو.

(مدنی مذاکرہ، 20ذوالقعدۃ الحرام1441ھ)

## (6) ڪانوَ جو اُوبر پاڻي پيئڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڪانوَ جي اوبَر پاڻيءَ جو ڇا مسئلو آھي؟

**جواب:** ڪانوَ، ڳِجھ، شِڪرو ۽ ٻين شڪاري پکين جو پاڻي ۽ کاڌو مڪروھ ھوندو آھي. مالدار شخص کي اھڙو پاڻي يا کاڌو استعمال نہ ڪرڻ گھرجي. البت جيڪڏھن ڪو مسڪين اھڙو پاڻي يا کاڌو استعمال ڪري ٿو تہ ڪَراھَت ناھي.

(ڏسو: فتاویٰ عالمگیری، 24/1- مدنی مذاکرہ، 2صفر شریف 1442ھ)

## (7) قرض ھجڻ جي باوجود قرباني ڪرڻ

**سوال:** جيڪڏھن ڪنھن شخص تي قرض ھجي تہ ڇا اھو قرباني ڪري سگھي ٿو؟

**جواب:** ھن صورت ۾ قرباني تہ ٿي ويندي جيتوڻيڪ اھو قرض ادا ڪرڻ کان بعد صاحبِ نصاب نہ رھندو ھجي، اھو گنھگار نہ ٿيندو. ھا ايترو ضرور آھي تہ ماڻھو ڳالھيون

ڪندا ۽ پاڙي ۾ بدنامي ٿيندي تہ هن کي فلاڻي فلاڻي جو قرض ادا ڪرڻو آهي پر پوءِ بہ ان قرض ادا نہ ڪيو بلڪ قرباني ڪري ورتي، عمرو ڪيو يا نفل حج ڪري ورتو. بانهي کي بہ گهرجي تہ پهريان قرض جي ادائيگي ڪري وٺي.

(مدنی مذاکرہ، 6ذوالقعدۃ الحرام1441ھ)

## (8) گاڏي يا ٽرڪ تي الله پاڪ جو نالو ۽ درودِ پاڪ لکڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا گاڏي يا ٽرڪ وغيره تي الله پاڪ جو نالو ۽ درودِ پاڪ لکي سگهون ٿا؟ هي بي ادبي تہ نہ چورائيندي؟

**جواب:** لکي سگهون ٿا، هن ۾ بي ادبي ناهي، بي ادبي جو دارو مدار عُرف تي هوندو آهي. مثال طور عمارت جي پهرين منزل تي قرآنِ ڪريم هوندو آهي مٿين منزل تي بہ ماڻهو هوندا آهن هن کي بي ادبي ناهي چيو ويندو. اهڙيءَ طرح بَس وغيره ۾ مُقدس تحريرون هونديون آهن ۽ ماڻهو ان جي ڇت تي ويهي رهندا آهن هيءَ بہ بي ادبي ناهي.

(مدنی مذاکرہ، 13ذوالقعدۃ الحرام1441ھ لفظن جي ڪافي رد و بدل سان)

## (9) ننڍي ٻار جو جانور کي ذبح ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا ننڍو ٻار قرباني جو ڇيلو ذبح ڪري سگهي ٿو؟

**جواب:** قرباني جو جانور هجي يا ڪو ٻيو حلال جانور، جيڪڏهن ٻار ذبح ڪي سمجهندو هجي تہ الله پاڪ جو نالو وٺي ذبح ڪري سگهي ٿو.

(در مختار، 9/496-مدنی مذاکرہ، 2ذوالحجۃ الحرام1441ھ)

## (10) عيدُ الاضحيٰ جي ڏينهن ڄمڻ واري ڇيلي جي قرباني ڪڏهن ٿيندي؟

**سوال:** جيڪو ڇيلو عيدُ الاضحيٰ جي ڏينهن پيدا ٿيو ڇا ايندڙ سال عيدُ الاضحيٰ جي پهرين ڏينهن ان جي قرباني ٿي ويندي؟

**جواب:** جيڪو ڇيلو عيدُ الاضحيٰ جي پهرين ڏينهن 12 وڳي پيدا ٿيو ايندڙ سال انهيءَ ڏينهن 12 وڳي ان جو سال پورو ٿيندو، تنهنڪري ان جي قرباني 12 وڳي کان بعد قرباني جي ٽئين ڏينهن غروب آفتاب کان پهريان (ڪهڙي بہ وقت) ڪري سگهجي ٿي. قرباني جي جانور جو پيدائش جي ڏينهن راهِ خدا ۾ قربان ٿيڻ سعادت جي ڳالھ آهي. خوش نصيب آهن اهي جانور جيڪي راهِ خدا ۾ قربان ٿيندا آهن.

(مدنی مذاکرہ، 6ذوالحجۃ الحرام1441ھ)



# نور جو فانوس

مولانا سيد عمران اختر عطاري مدني

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دعائن جي قبوليت جا ڪيئي حيرت انگيز واقعا آهن. اهڙي معجزي جيان اثر رکڻ واري هڪ دعا اها به آهي جيڪا پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت طُفيل بن عَمرو دَوْسي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي اسلام قبول ڪرڻ کان بعد انهن جي لاءِ ۽ پوءِ انهن جي قوم جي هدايت جي لاءِ فرمائي جنهن جو دلچسپ واقعو هي آهي ته، حضرت طفيل بن عَمرو دوسي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيڪي دوس قبيلي جا سردار هئا، پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ جو واقعو بيان ڪندي فرمائن ٿا:

مان مڪي آيُس ته قريش جي ڪافرن حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾ مونکي چيو: انهن اسان جي وچ ۾ جُدايون وجهي ڇڏيون آهن، انهن جون ڳالهيون جادو جيان اثر ڪن ٿيون، جيڪي پيءُ پٽ، ڀاءُ ڀاءُ ۽ زال مڙس ۾ جدائي ڪرائي ڇڏينديون آهن، ڪٿي اوهان ۽ اوهان جو قبيلو به اسان واري مشڪل ۾ نه پئجي وڃي تنهنڪري انهن سان نه ڳالهائجان، نه ڪا ڳالهه ٻڌجان. جيئن ته مون ڪنن ۾ ڪپهه وجهي ڇڏي ته جيئن نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون ڳالهيون نه ٻڌان، جڏهن مان ڪعبي وٽ پهتُس رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪعبي جي سامهون نماز پڙهي رهيا هئا، مان انهن جي ويجهو بيٺو هيس ته الله پاڪ انهن جون ڪجهه ڳالهون مونکي ٻڌرايون، مونکي تمام خوبصورت ڪلام ٻڌڻ ۾ آيو هو ته مون سوچيو ته مان سمجهدار انسان آهيان، ٻُري ڀلي جي ڄاڻ آهي، منهنجي لاءِ انهن جون ڳالهيون ٻڌڻ کان ڪهڙي شيءِ رڪاوٽ ٿي سگهي ٿي تنهنڪري مون پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪنن ۾ ڪپهه وجهڻ وغيره سموري ڳالهه ٻڌائي، نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مونکي اسلام جي دعوت ڏني ۽ قرآن ٻڌايو، مون به ايڏو سهڻو ڪلام نه ٻڌو هو، مون اسلام قبول ڪيو ۽ عرض ڪيُم ته مان قوم جو سردار آهيان، انهن کي اسلام جي دعوت ڏيندُس، منهنجي لاءِ دعا فرمايو ۽ ڪا نشاني عطا فرمايو جنهن سان منهنجي مدد ٿئي، حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دعا

ڏني: اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ لَهٗ اٰيَةً يعني اي الله! هن جي لاءِ نشاني قائم فرماءِ، جڏهن مان ڪداء نالي جبل تي پهتس ته منهنجي پيشاني جي وچ ۾ چراغ جيان نور ظاهر ٿي ويو، مون دعا ڪئي: اي الله! هن کي چهري کان علاوه ڪٿي ٻيءَ جڳهه تي (ظاهر) ڪري ڇڏ، ته اهو نور منهنجي ڪوڙي (چابُڪ) جي چوٽيءَ تي ظاهر ٿي ويو جڻ لٽڪيل فانوس هجي. جڏهن مان قبيلي وارن ۾ پهتس، مون پنهنجي والد ۽ پنهنجي گهر واري کي پنهنجي اسلام آڻڻ جو ٻڌايو ته انهن به اسلام آندو پر قبيلي دوس اسلام قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته مان رسول پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيس ۽ قبيلي دوس جي لاءِ بددعا ڪرڻ جي درخواست ڪئي. نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دعا فرمائي: اَللّٰهُمَّ اهْدِ دَوْسًا يعني اي الله! قبيلي دوس کي هدايت عطا فرماءِ. پوءِ مونکي فرمايائون: پنهنجي قوم ۾ واپس وڃي ڪري انهن کي دينِ اِلاهي جي دعوت ڏيو ۽ نرميءَ سان پيش اچو. جيئن ته مون وڃي ڪري انهن کي اسلام جي دعوت ڏيڻ جو سلسلو جاري رکيو، آخرڪار! مان اسلام قبول ڪرڻ وارن 70 يا 80 خاندانن کي وٺي ڪري پهريان مديني پاڪ پوءِ اتان کان نبي پاڪ وٽ غزوهءِ خيبر پهتس، رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻين مسلمان مجاهدين سان گڏ انهن نوَن مسلمانن کي به مالِ غنيمت مان حصو عطا فرمايو.

(دلائل النبوة للبيهقي،5/360-الاستيعاب، 3 / 312ـ314- خصائص الكبرى، 1 / 225)

حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعا سان، پهريان حضرت طُفيل رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي پيشاني تي پوءِ ڪوڙي (چابڪ) جي چوٽي تي نور جو ظاهر ٿيڻ ۽ قبيلي دوس جي لاءِ هدايت جي دعا تي انهن کي ايمان جي دولت ملڻ حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو معجزو آهي. ان واقعي مان اسان کي ڪجهه ڳالهيون سکڻ جي لاءِ ملن ٿيون.

*الله پاڪ جي مقبول ٻانهن تي اعتراضات ڪرڻ ۽ الزامات لڳائڻ کان بچڻ گهرجي چوته هي ته شروع کان ئي صرف بُرن ماڻهن جي عادت رهي آهي.

*ڪڏهن ڪڏهن همدردي ظاهر ڪرڻ وارو حقيقت ۾ همدرد ناهي هوندو تنهنڪري اسان کي هوشيار رهڻ گهرجي ۽ همدردي جي لباس ۾ لڪيل دشمني کي سڃاڻڻ جي قابليت پنهنجي اندر پيدا ڪرڻ گهرجي جيئن ته مڪي جي ڪافر حضرت طفيل سان ڪيو پر پاڻ پنهنجي سمجهداري جي ڪري ڪفر کان بچي ويا ۽ اسلام جي

دامن ۾ اچي ويا.

*بي بنياد ڳالهين تي يقين ڪرڻ جي بدران سچائي تائين پهچڻ جي ڪوشش جاري رکڻ گهرجي.

*جيڪي ماڻهو صرف ٻڌل ڳالهه تي ناهن رهندا بلڪ پنهنجو عقل ۽ ذهن سان ڪم وٺندا آهن اهي ڪامياب ٿي ويندا آهن ۽ ٻين جي چالبازين کان به بچي ويندا آهن خاص طور تي ان وقت جڏهن ڪو ڪنهن جي خلاف ڀڙڪائي.

*سُٺا ماڻهو پاڻ سان گڏوگڏ ٻين جي بهتري جي باري ۾ به سوچيندا آهن

*ماڻهن کي سڌي ۽ هدايت جي راهه تي آڻڻ جي لاءِ نرمي نهايت اهم شيءِ آهي خاص ڪري جيڪڏهن ٻين کي راهِ راست تي آڻڻ وارو حاڪم ۽ سردار هجي ته حاڪمن جي انداز بدران حڪمت ڀريو انداز اپنائڻ گهرجي.

*ڪنهن ڪم جي شروع ۾ جيتوڻيڪ ناڪامي جو منهن ڏسڻو پوي پر مسلسل ڪوشش جاري رکڻ سان به ڪڏهن نه ڪڏهن ڪاميابي ملي ئي ويندي آهي.

اسان کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

# ذوالقعدة الحرام جا ڪجھ اهم واقعا

| تاريخ / مهينو/ سال | نالو/ واقعو | وڌيڪ معلومات لاءِ پڙهو |
|---|---|---|
| پهرين ذوالقعدة الحرام 321 ھ | يومِ وصال حضرت امام ابوجعفر احمد بن محمد طحطاوي رَحْمَةُاللّٰہِ عَلَيْه | ماهوار فيضانِ مدينہ ذوالقعدة الحرام 1438 ھ |
| 2 ذوالقعدة الحرام 1367 ھ | يومِ وصال خليفهءِ اعليٰ حضرت، مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُاللّٰہِ عَلَيْه | ماهوار فيضانِ مدينہ ذوالقعدة الحرام 1438 ھ کان 1440 ھ ۽ "تذڪرهءِ صدرالشريعہ" |
| 8 ذوالقعدة الحرام 5 ھ | غزوهءِ خندق ۽ شهداءِ خندق | ماهوار فيضانِ مدينہ ذوالقعدة الحرام 1438، 1439 ھ ۽ "سيرتِ مصفطيٰ، صفحو 322" |
| 8 ذوالقعدة الحرام 981 ھ | يومِ وصال حضرت علامہ قاري محمد نظام الدين رَحْمَةُاللّٰہِ عَلَيْه | ماهوار فيضانِ مدينہ ذوالقعدة الحرام 1438ھ |
| 14 ذوالقعدة الحرام 1111 ھ | يومِ وصال حضرت علامہ پير سيد فضل الله ترمذي ڪالپوي رَحْمَةُاللّٰہِ عَلَيْه | ماهوار فيضانِ مدينہ ذوالقعدة الحرام 1438ھ |
| 21 ذوالقعدة الحرام 1433 ھ | يومِ وصال محبوبِ عطار، رڪنِ شوريٰ حاجي زم زم عطاري | "محبوبِ عطار جون 122 حڪايتون" |
| 26 ذوالقعدة الحرام 1370 ھ | يومِ وصال حضرت پير سيد جماعت علي شاھ محدث علي پوري رَحْمَةُاللّٰہِ عَلَيْه | ماهوار فيضانِ مدينہ ذوالقعدة الحرام 1438 ۽ 1439 ھ |
| 30 ذوالقعدة الحرام 1297 ھ | يومِ عرس والدِ اعليٰ حضرت، مفتي نقي علي خان رَحْمَةُاللّٰہِ عَلَيْه | ماهوار فيضانِ مدينہ ذوالقعدة الحرام 1439 ھ |
| ذوالقعدة الحرام | وصال مبارڪ اُمُّ المومنين حضرت | ماهوار فيضانِ مدينہ ذوالقعدة |

| | | |
|---|---|---|
| 59 یا 61 ھ | اُمِّ سلمہ رَضِیَ اللہُ عَنْہا | الحرام 1438 ھ ۾ "فيضانِ امهات المومنين" |
| ذوالقعدة الحرام 6 ھ | واقعہِ صلح حديبيہ ۽ بيعتِ رضوان | ماهوار فيضانِ مدينہ ذوالقعدة الحرام 1438، 1439 ھ ۾ "سيرتِ مصفطيٰ، صفحو 346" |

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

"ماهوار فيضانِ مدينہ جا تمام شمارا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان ڊائونلوڊ ڪري پڙهو ۽ ٻين سان بہ شيئر ڪريو"



# دين ۽ مذهب جي ضرورت ۽ اهميت (قسط 1)

مولانا ابرار اختر القادري

انسان بہ چوتہ بنيادي طور تي هڪ حيوان ئي آهي ان ڪي بہ ٻين جانورن وانگر زنده رهڻ جي لاءِ لوازماتِ حيات يعني خوراڪ، هوا، پاڻي ۽ ننڊ جي ضرورت هوندي آهي، جڏهن تہ حيوانن ۾ بہ اهي احساسات پاتا ويندا آهن جيڪي انسانن ۾ لڌا ويندا آهن يعني اهي بہ ڏک ۽ خوشي جي جذبن کان علاوه دشمنن کان خوف ۽ دوستن سان محبت جو اظهار ڪندا ۽ پنهنجي بقا ۽ حفاظت جي لاءِ مختلف اقدامات ڪندا، سماجي تعلقات کي سمجهندا ۽ انهن جو خيال بہ رکندا آهن يعني خاندانن ۽ پنهنجي جماعت ۾ رهندا آهن ۽ ضرورت جي وقت هڪٻئي جي مدد بہ ڪندا آهن. البت! انسان کي جيڪا شيءِ ٻين حيوانن کان ممتاز ڪندي ۽ ان جي مٿي تي اشرفُ المخلوقات هجڻ جو تاج سجائيندي آهي اها آهي: انسان جو عقل ۽ شعور، زبان ۽ پيغام ۽ اخلاقيات ۽ تخليقي صلاحيتن سان مُزين هجڻ. جيڪڏهن کو انسان انهن وصفن سان مُزين نہ هجي تہ ان ۾ ۽ ٻين حيوانن ۾ کو فرق ناهي. جيئن تہ انسان اشرفُ المخلوقات جو تاج سجائي رکڻ جي لاءِ اهڙي نظامِ زندگي جو تمام گهڻو محتاج آهي جيڪو ان کي انسان بڻائي رکي ۽ حيوان بڻجڻ کان روڪي، تنهنڪري ان اعتبار سان جيڪڏهن ڏنو وڃي تہ هن وقت بہ طرح جا ماڻهو آباد آهن، هڪ اهي جيڪي مڃين ٿا تہ انسان خود بخود ڪنهن ارتقائي عمل جي ذريعي وجود ۾ آيو آهي. ۽ ٻيا اهي جيڪي هي مڃين ٿا تہ انسان پنهنجي اختيار سان پيدا ٿيو آهي نہ ڪنهن ارتقائي عمل جو نتيجو آهي، بلڪ ان کي هڪ اهڙي هستيءَ پيدا ڪيو ۽ ان کي عقل ۽ شعور وغيره صلاحيتون عطا فرمايون جو جنهن ٻين مظاهرِ ڪائنات کي بہ پيدا فرمايو آهي ۽ جهڙيءَ طرح ان هستيءَ نظامِ ڪائنات کي هڪ مربوط نظام ۾ جوڙي رکيو آهي انهيءَ انسان کي بہ ائين ئي ناهي ڇڏي ڏنو جيڪو پنهنجي مرضي جي مطابق جيئڻ چاهي زندگي گذاري، بلڪ ان کي زندگي گذارڻ جو هڪ مضبوط لائحہ عمل بہ عطا فرمايو آهي تہ جنهن کي دين ۽ مذهب چيو ويندو آهي.

دين جي لغوي معنيٰ رستو، عقيدي ۽ عمل جو طريقو، اطاعت ۽ جزا آهي، جڏهن

تہ مذهب جي لغوي معنيٰ بہ رستو آهي يعني اهو رستو جنهن تي هلجي، ائين ئي دين ۽ مذهب جيتوڻيڪ بہ الڳ الڳ لفظ آهن پر ٻنهي جي معنيٰ هڪ ئي آهي، لھٰذا ايئن ڏٺو وڃي تہ هن وقت دنيا ۾ جيتري قدر مذهب آهن، اهي بنيادي طور تي ٻن طرح جا آهن: انهن مان هڪ قسم سماوي يعني الله پاڪ جي طرف کان نازل ڪيل مذهبن جو آهي مثلاً يهوديت، عيسائيت ۽ اسلام. جڏهن تہ ٻيا مذهب انساني سوچ ۽ فڪر جي پيداوار آهن. هن وقت دنيا جي غالب اڪثريت ڪنهن نہ ڪنهن مذهب جي پيروڪار آهي. تنهنڪري غور سان جائزو وٺون تہ هيءُ ڳالهہ سامهون ايندي آهي تہ ڪيئي سببن جي ڪري دين ۽ مذهب هڪ بنيادي انساني ضرورت آهي جنهن جي اهميت ۽ فائدن کان انڪار نٿو ڪري سگهجي.

## دين ۽ مذهب جي انساني ضرورت هجڻ جا سبب

**دين ۽ مذهب جي هڪ فطري ضرورت:** دين ۽ مذهب انسان جي هڪ فطري ضرورت آهي ۽ ان جو سڀ کان وڏو دليل هيءُ آهي تہ هميشہ کان انسان هڪ اهڙي بالاتر ۽ مافوق الفطر(فطرت کان مٿي) طاقت رکڻ واري هستي کي مڃيندو آيو آهي جيڪا ان جي بنيادي انساني ضرورتن ۽ حاجتن جي تڪميل وغيره جي ضامن هجي ۽ ايئن اڄ تائين تمام دنيا جو ڪنهن باطل شيءِ تي جمع ٿي وڃڻ سمجهہ ۾ نہ اچڻ واري ڳالهہ آهي. البت هي هڪ الڳ ڳالهہ آهي تہ انهن مان ڪنهن حق کي ماڻي ورتو تہ ڪو خطا تي رهيو.

دين ۽ مذهب انسان جي هڪ اهڙي فطري ضرورت آهي جنهن جو تعلق ان جي موت کان پوءِ جي زندگي سان بہ آهي، ڇوتہ ٻيون فطري شيون يعني لوازماتِ زندگي جيان هي انسان جي موت سان ئي ختم ناهن ٿينديون، بلڪ انهن جي اهميت وڌي ويندي آهي ڇوتہ انسان جي فوت ٿي وڃڻ تي ان جي دين سان تعلق يا عدمِ تعلق جي بنياد تي نتيجن جي منهن ڏسڻ جو مرحلو شروع ٿي ويندو آهي جيڪا ان ڳالهہ جي واضح دليل آهي تہ دين انسان جي دنيا جي لاءِ ئي هڪ بنيادي ضرورت نہ بلڪ ان جي آخرت جي لاءِ بہ هڪ بنيادي ضرورت آهي. جيئن تہ

هاڻي سوال پيدا ٿئي ٿو تہ دين ۽ مذهب جيڪڏهن انسان جي هڪ اهڙي بنيادي ضرورت آهي جنهن جي ان کي دنيا ۽ آخرت ۾ حاجت آهي تہ ڇا ان اهم ۽ بنيادي ضرورت جي اهميت جو ذڪر قرآن ۽ حديث ۾ بہ موجود آهي؟ تہ ان جو جواب هي آهي تہ جي ها! اسان جي دين جتي زندگي

گذارڻ جا طريقا ۽ اصول ٻڌايا آهن تہ اتي ان دين جي اهميت ۽ ضرورت کي بہ خوب بيان ڪيو آهي، جيئن تہ سورتِ روم ۾ الله پاڪ جو ارشاد آهي: فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِیْ فَطَرَ النَّاسَ عَلَیْهَاؕ لَا تَبْدِیْلَ لِخَلْقِ اللّٰهِؕ ذٰلِكَ الدِّیْنُ الْقَیِّمُۗ

ترجمو ڪنزُ العرفان: هي الله جي پيدا ڪيل فطرت (آهي) جنهن تي اُن ماڻهن کي پيدا ڪيو، الله جي بڻايل ۾ تبديلي نہ ڪرڻ اهوئي سڌو دين آهي پر گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن.

هن آيت جي حوالي سان صراطُ الجنان ۾ آهي: هن آيت ۾ فطرت مان مُراد دينِ اسلام آهي ۽ معنيٰ هيءَ آهي تہ الله پاڪ مخلوق کي ايمان تي پيدا ڪيو، جهڙوڪ صحيح بخاري ۽ صحيح مُسلم جي حديث ۾ آهي: هر ٻار فطرت تي پيدا ڪيو ويندو آهي.[1] يعني انهيءَ واعدي تي پيدا ڪيو ويندو آهي جيڪو الله پاڪ ان کان السْتُ بربکم فرمائي ڪري ورتو آهي، تہ دنيا ۾ جيڪو بہ ٻارُ پيدا ٿيندو آهي اهو انهيءَ اقرار تي پيدا ٿيندو آهي جيتوڻيڪ بعد ۾ اهو الله پاڪ کان علاوه ڪنهن ٻئي جي عبادت ڪرڻ ۾ لڳي وڃي. ڪجهہ مُفسرين جي ويجهو فطرت مان مُراد خِلْقت آهي ۽ معنيٰ هيءَ آهي تہ الله پاڪ ماڻهن کي توحيد ۽ دين اسلام قبول ڪرڻ جي صلاحيت سان پيدا ڪيو آهي ۽ فطري طور تي انسان ان دين کان منهن موڙي سگهي ٿو نہ ئي ان جو انڪار ڪري سگهي ٿو، ڇوتہ هي دين هر اعتبار سان عقلِ سليم سان آراستہ ۽ صحيح فهم جي عين مطابق آهي ۽ ماڻهن مان جيڪو گمراهہ ٿيندو اهو جِنن ۽ انسانن جي شيطانن جي ڀٽڪائڻ سان گمراهہ ٿيندو.[2] حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي، رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: هر ٻار فطرت تي پيدا ڪيو ويندو آهي، پر ان ٻار جا ماءُ پيءُ ان کي يهودي يا نصراني يا مجوسي بڻائي ڇڏيندا آهن.[3]

افسوس! جيڪي ماڻهو دين کان بيزار آهن انهن جي اڪثريت دين جي اهميت ۽ ضرورت کان آگاهہ ناهي، جيئن تہ سورتِ روم جي مذڪوره آيت ۾ الله پاڪ ان حقيقت کي هنن لفظن ۾ بيان فرمايو آهي: وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا یَعْلَمُوْنَ (۳۰) اهڙن ماڻهن جو دين کان پري ٿيڻ جي سڀ کان بنيادي ڳالهہ هيءَ آهي اهي دنيا جي ڪشش ۾ پنهنجي نفساني خواهشن جي تڪميل چاهين ٿا ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن بہ قسم جي پابندي کي قبول ناهن ڪندا، ڇڏهن تہ دين آهي ئي پابندي جو نالو، جنهن ۾ حلال ۽ حرام هر شيءِ واضح آهي.

---

1 بخاري، 1/457، حديث:1358

2 خازن، الروم، تحت الآية:30، 3/ 463

3 مسلم، ص1428، حديث:22 (2658)




# نيڪي جي رهنمائي ڪرڻ وارو

## محمد جاويد عطاري مدني

الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي محمد صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ دَلَّ عَلَى خَيْرٍ فَلَهُ مِثْلُ أَجْرِ فَاعِلِهِ، يعني جنهن نيڪيءَ ڏانهن رهنمائي ڪئي، ان جي لاءِ نيڪي ڪرڻ واري جهڙو اجر آهي. (مسلم، ص 809، حديث: 4899)

اسان جي پياري دين ۾ تمام گهڻيون آسانيون آهن. نيڪي ڪرڻ واري کي ته ثواب ملڻو ئي ملڻو آهي، پر جنهن نيڪي ۾ ڇگن ڪمن بابت ٻڌايو، سيکاريو، سمجهايو يا پڙهايو ته ان کي به عمل ڪرڻ واري جي برابر ثواب ملندو.

پيارا ٻارو! اوهان کي به گهرجي ته نيڪي ۾ ڀلائي وارا چڱا ڪم پنهنجن ڀائرن، ڀينرن، دوستن ۽ ٻين ساٿين کي ٻڌايو ۽ تمام گهڻي اجر ۽ ثواب جا مستحق بڻجي وڃو. مثلاً:

جيڪڏهن اوهان صحيح مخارج سان قرآن پاڪ پڙهڻ ڄاڻو ٿا ته ٻين کي به پڙهايو، سيکاريو.

نماز، وضو يا ٻيو ڪو به ديني عمل جيڪو اوهان کي ايندو آهي، جيڪڏهن ڪنهن ننڍڙي ٻار کي ان ۾ غلطي ڪندي ڏسو ته ان کي سمجهايو.

پنهنجن ڀائرن، ڀينرن، دوستن وغيره کي نماز پڙهڻ جي ترغيب ڏيو. وغيره وغيره.

پيارا ٻارو! شروع ۾ لکيل حديث جي مطابق، نيڪيءَ جي ڪمن ڏانهن رهنمائي ڪندا رهو ۽ ثواب جا مستحق بڻجندا رهو.

الله ڪريم اسان کي حديثون پڙهي انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.



# حضرت يوسف بن عبدالله رَضِيَ اللهُ عَنْهُما

مولانا اويس يامين عطاري مدني

ننڍي عمر ۾ جن ٻارن کي الله پاڪ جي آخري نبي حضرت محمد مصطفیٰ صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو صحابي ٿيڻ جو شرف حاصل ٿيو، انهن ۾ حضرت يوسف بن عبدالله رَضِيَ اللهُ عَنْهُما بہ شامل آهن. حضرت يوسف بن عبدالله رَضِيَ اللهُ عَنْهُما جو شمار ننڍي عمر وارن صحابين ۾ ٿئي ٿو. پاڻ رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحابي حضرت عبدالله بن سلام جا پٽ ۽ الله پاڪ جي نبي حضرت يوسف بن يعقوب عَلَيْهِمَا السَّلَام جي اولاد مان آهن.[1]

**حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نالو رکيو ۽ مٿي تي هٿ ڦيرايو:** پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ رسول ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجو نالو يوسف رکيو، مون کي پنهنجي مبارڪ ڪَڇَ ۾ ويهاريو ۽ منهنجي مٿي تي هٿ ڦيرايائون.[2]

**روايتون:** اوهان کان 3 احاديث مبارڪ مروي آهن.[3]

## حضور انور کي جَوَن جي مانيءَ سان کجور کائيندي ڏٺائون

پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مون نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو تہ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جَوَن جي مانيءَ جو ٽڪر کنيو ۽ ان تي کجور رکي ۽ فرمايائون: هيءَ (کجور) هن (مانيءَ جي ٽڪر) جو ٻوڙ يعني ڀاڄي آهي، پوءِ ان کي تناول فرمايائون.[4]

مشهور مفسر حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: کجور کي ٻوڙ چوڻ مجازاً آهي، يعني ماني ان سان کائي سگهجي ٿي ۽ اها ٻوڙ يا ڀاڄي جي مثل آهي.[5]

**وصال:** پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو وصال حضرت عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي دورِ خلافت ۾ سن 100 هجري ۾ ٿيو.[6]

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم







# پنهنجن بزرگن کي ياد رکو

ذُوالقعدة الحرام اسلامي سال جو يارهون مهينو آهي. هن ۾ جن اولياءِ عُظام ۽ عُلماءِ اسلام جو وصال يا عرس آهي، انهن مان 119 جو مختصر ذڪر ماهوار فيضانِ مدينہ ذُوالقعدة الحرام 1438 ھ کان 1445 ھ جي شمارن ۾ ڪيو ويو آهي. وڌيڪ 12 جو تعارف ملاحظہ فرمايو:

## اولياء ڪرام رحمهم الله السلام:

**(1)** افضل الدين حضرت مير سيّد ابوجعفر امير ماھ بهرائچي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه خاندانِ سادات جا چشم و چراغ، مريد ۽ خليفا شيخ سيّد علاؤالدين جئپوري سهروردي، عالمِ دين، مقتداءِ وقت، مصنفِ ڪتب ۽ بهرائچ، يوپي(اتر پرديش) هندستان جا مشهور ولي الله آهن. سندن وصال 772 ھ ۾ ٿيو، بهرائچ ۾ سندن مزار مشهور آهي. سندن عرس 29 ذُوالقعده تي ٿيندو آهي. (i)

**(2)** حضرت پير سيّد حميد بخاري بيجاپوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مشهور ساداتِ ڪرام ۽ فضيلت وارن بُزرگن مان هئا. سلسلہ سهرورديہ ۾ ڪين خلافت حاصل هئي. وصال 15 ذوالقعده 1018 ھ تي ٿيو، مزار شريف بيجاپور، رياست ڪرناٽڪ، هندستان ۾ آهي. پير سيد اشرف بخاري سندن سجاده نشين هئا، جيڪي محقق عالم ۽ ولي الله هئا. (ii)

**(3)** مستفتيءِ اعلیٰ حضرت، وليءِ ڪامل، علامہ محمد عبدالله پگلينوي المعروف پهاڙ (جبل) وارا مولوي صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پيدائش پگلين شريف نزد عبدالله پور (اڳوٽو نالو هري پور)، يونين ڪائونسل ڪمباھ، (Khambah) تعلقو سماهني، ضلع ڀمبر، ڪشمير جي گجر خاندان ۾ ٿي. پاڻ ڪشمير، پنجاب ۽ هند جي علماء جا شاگرد رهيا آهن ۽ حضرت خواجہ پير سيد غلام حيدر علي شاھ (جلالپور شريف، تعلقو پنڊ دادن خان ضلع جهلم) جا مريد آهن. پاڻ وليءِ ڪامل، استاذ العلماء، فارسي ۽ پنجابي جا شاعر هئا. سندن وصال 28 ذُوالقعده 1345 ھ تي ٿيو، سندن مزار مبارڪ پيدائش واري علائقي ۾ آهي. مشهور آهي تہ انهن جي مزار تي شينهن حاضري لاءِ ايندو هو. (iii)

## علماءِ اسلام رحمهمُ الله السَلام:

**(4)** امام الحديث قاري ۽ حافظ شيخ عبدالله بن محمد مسندي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پيدائش 112 ھ ۾ بخارا، ازبڪستان ۾ ٿي ۽ 23 يا 24 ذوالقعده 229 ھ تي وصال

فرمايائون. اوهان حضرت سفيان بن عيينہ جهڙن استادن جا شاگرد هئا. علمِ حديث جي شاخ مسند ۾ دلچسپي سبب مسندي سڏيا ويا. اوهان جي شاگردن ۾ اهم نالو امام محمد بن اسماعيل بخاري جو آهي.(iv)

**(5)** شيخ الاسلام، مسند الآفاق، حضرت شيخ امام ابو الوقت عبدالاول بن عيسيٰ سجزي هروي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي ولادت 458 ھ ۾ هرات ۾ ٿي. پاڻ امامِ وقت، محدثِ ڪبير (يعني وڏا محدث) ڪثيرالتلامذه (يعني جنهن جا شاگرد تمام گهڻا هجن)، صوفيءِ ڪامل، حسنِ اخلاق جا پيڪر، متقي ۽ تواضع ڪرڻ وارا، راتين جو عبادت ۽ گريہ و زاري ڪرڻ وارا ۽ علم ۽ عمل جا جامع هئا. سندن وصال 6 ذوالقعده 553 ھ تي بغداد ۾ ٿيو. سندن جنازي جي نماز غوثُ الاعظم شيخ عبد القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه پڙهائي.(v)

**(6)** حضرت شيخ ابو عمر قاسم بن جعفر هاشمي عباسي بصري رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي ولادت رجب 322 ھ ۾ ۽ وصال 29 ذوالقعده 414 ھ ۾ ٿيو. پاڻ امام، فقيهہ، امين ۽ ثقہ راويءِ حديث، مسند العراق ۽ بصري جا قاضي هئا.(vi)

**(7)** حضرت امام ابو محمد عبدالله بن محمد طائي اندلسي قرطبي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي ولادت رمضان 603 ھ ۾ ٿي ۽ وصال 11 ذوالقعده 702 ھ تي فرمايائون. پاڻ محدث ۽ مسند، عالم ۽ اديب، صدوق ۽ حسن الحديث، علم ۽ عمل جا جامع ۽ فقيهہ مالڪي هئا.(vii)

**(8)** عالمِ ڪبير، مفسرِ قرآن، مسند العصر حضرت مولانا يعقوب بن حسن صرفي ڪشميري رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي ولادت 908 ھ ۾ ڪشمير ۾ ٿي. پاڻ ذهين ۽ فطين، حافظِ قرآن، جامع معقول و منقول، امام ابن حجر هيتمي وغيره جا شاگرد، سلسلۂ ڪبرويہ جا شيخ طريقت، مصنفِ ڪتب، فياض ۽ سخي، عوام ۽ خواص ۾ مقبول ۽ صوفي شاعر هئا. پاڻ 12 ذوالقعده 1003 ھ تي وصال فرمايائون.(viii)

**(9)** شيخ الاسلام والمسلمين، حضرت علامہ شمس الدين محمد محبي مصري حنفي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه قرآن و حديث، لغت ۽ ادب عربي ۽ فقہ وغيره علوم ۽ فنون ۾ ڪامل مهارت رکندا هئا. مصر جا مشهور علماءِ اهل سنت سندن شاگرد آهن. پاڻ سڄي زندگي درس ۽ تدريس ۾ مصروف رهيا. سندن وصال 20 ذوالقعده 1041 ھ تي مصر ۾ ٿيو، تدفين تربت المجاورين، قاهره مصر ۾ ڪئي وئي.(ix)

**(10)**حسان الهند علامہ مير سيد غلام علي آزاد چشتي بلگرامي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه ٻارهين صدي هجري جا عظيم مؤرخ، محدث، عالم،

هندي ۽ عربي جا شاعر، صوفي باصفا ۽ سلسلهٔ چشتيه سان منسلڪ هئا. پيدائش 25 صفر 1116 ھ تي بلگرام، ضلع دوئي، يوپي، هندستان ۾ ٿي. سندن تصانيف ۾ سبحة المرجان في آثارِ هندستان، مآثر الڪرام، شمامة العنبر ۽ روضة الاولياء مطبوع ۽ مشهور آهن. سندن وصال 21 ذوالقعده 1200 ھ تي خلد آباد، ضلع اورنگ آباد، رياست مهاراشٽر، هندستان ۾ ٿيو، سندن تربت به اتي ئي آهي.[x]

**(11)** علامہ زمان فضل خيرآبادي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي ولادت خيرآباد ۾ ٿي. پاڻ جيد علماءِ ڪرام کان علم حاصل ڪري جامع معقول و منقول ۽ ماهر مدرس، درسِ نظامي ٿيا. دهلي ۾ شروع ۾ مفتي ۽ بعد ۾ صدر الصدور جي عهدي تي فائز ٿيا. درس ۽ تدريس جو سلسلو به جاري رکيائون. سندن شاگردن جو تعداد ڪثير آهي. تصنيفات ۾ مير زاهد ۽ ملا جلال تي تفصيلي حواشي شامل آهن. پاڻ 5 ذوالقعده 1244 ھ تي وصال فرمايائون، احاطهِ درگاھ سعدالدين خيرآبادي ۾ سندن تدفين ٿي.[xi]

**(12)** استاذ العلماء، علامہ احمد الدين چڪوالوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه موضع بولہ، ضلع چڪوال جي هڪ علمي گهراڻي ۾ 1268 ھ تي پيدا ٿيا. والد گرامي علاّمہ غلام حسين چڪوالوي کان علوم ۽ فنون ۾ مهارت حاصل ڪيائون. مڪ مڪرمہ ۾ علامہ سيد احمد بن زيني دحلان مڪي کان اجازتون حاصل ڪيائون. بيعت ۽ خلافت خواجہ شمس العارفين سيالوي کان حاصل ڪيائون. پاڻ حڪيمِ حاذق، مضبوط حافظِ قرآن، جيد عالم دين ۽ استاذ العلماء هئا. ڪجھ عرصو ڪراچي ۽ بعد ۾ جاري واري مسجد چڪوال ۾ تدريس ڪندا رهيا. سندن وصال 28 ذوالقعده 1347 ھ تي ٿيو.[xii]

---

(1) مير سيد اميرماه بہرائچی، ص7، 8، 16، 20
(2) تذكرة الانساب،ص245
(3) معارف رضا، سالنامہ 2008ء، ص203تا208- فتاویٰ رضویہ، 297/10- ثبت شيخ محمد عبد اللہ عتیق، ص3
(4) سير اعلام النبلاء، 291/9
(5) سير اعلام النبلاء،96/15تا100-المنتظم فی تاريخ الملوک والامم،127/18
(6) تاريخ بغداد، 446/12- سير اعلام النبلاء،137/13
(7) الوافی بالوفيات، 316/17-الدرر الكامنہ، 303/2-بغية الوعاة، 60/2
(8) تذکرہ علمائے ہند، ص551-منتخب التواريخ مترجم، ص465- نزہۃ الخواطر، 473/5- فقہائے ہند، 496/4
(9) خلاصة الاثر،301/4
(10) روضة الاولياء مترجم،ص6تا10
(11) تذکرہ علمائے ہند، ص 331، 376، 377
(12) تذکرہ علمائے اہل سنت ضلع چکوال،ص 16تا18

اللّٰہ

# وڌيڪ نہ ڊيڄاريو

ٻار کي بار بار دڙڪا ڏيڻ، ڌمڪيون ڏيڻ ۽ ڊيڄاريندي رهڻ سان اُن جي دل مان ڊپ گهٽ يا ختم ٿي سگهي ٿو. (وڏن جي متعلق بہ اهو خيال رکڻ مُفيد آهي)



صلوا على الحبيب
صلى الله على محمد

ٻار کي بار بار دڙڪا ڏيڻ، ڌمڪيون ڏيڻ ۽ ڊيڄاريندي رهڻ سان اُن جي دل مان ڊپ گهٽ يا ختم ٿي سگهي ٿو. (وڏن جي متعلق بہ اهو خيال رکڻ مُفيد آهي)

978-969-722-804-1
01130304

فیضانِ مدینہ، محلّہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی، باب المدینہ (کراچی)
UAN: +92 21 111 25 26 92 Ext: 2650 / 1144
Web: www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
Email: feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net